اِفسين 2:2

انهيءَ وقت اوهين دنيا جي دستور موجب هلندا هئا ۽ هوا ۾ اختياري هلائيندڙ حڪمران، يعني شيطان جا پوئلڳ هئا. هيءُ اهو ئي روح آهي، جيڪو هاڻي انهن ماڻهن تي حڪومت ڪري ٿو جيڪي خدا جا نافرمان آهن

متي 6:10

تيئن زمين تي به ٿئي تنهنجي مرضي جيئن آسمان ۾ پوري ٿئي ٿي، ۽ تنهنجي بادشاهت اچي

لوقا 22:42

اي بابا! جيڪڏهن تون چاهين ته هي پيالو مون تان ٽاري ڇڏ. تنهن هوندي به منهنجي نه، پر تنهنجي مرضي پوري ٿئي

يوحنا 7:16-9

پر آءٌ اوهان کي سچ ٿو ٻڌايان ته اوهان لاءِ اهو وڌيڪ چڱو آهي ته آءٌ هليو وڃان، ڇاڪاڻ‌ته جيڪڏهن آءٌ نه ويندس ته اهو مددگار اوهان وٽ نه ايندو. پر جيڪڏهن آءٌ ويندس ته پوءِ هن کي اوهان ڏانهن ضرور موڪليندس. جڏهن هو ايندو تڏهن سڄيءَ دنيا کي گناهه، سچائيءَ ۽ انصاف جي نسبت ڏوهاري ٺهرائيندو: گناهه جي نسبت هيئن جو ماڻهو مون تي ايمان نه ٿا آڻين،

تيمٿيس 2:10 2

تنهنڪري آءٌ چونڊيل ماڻهن جي خاطر سڀ ڪجهه سهان ٿو، ته جيئن جيڪو چونڪارو عيسيٰ مسيح جي وسيلي ٿو ملي، تنهن کي اهي به ابدي عظمت سميت حاصل ڪن

رومين 15:20,21

مون اهو پڪو ارادو ڪيو آهي ته جتي مسيح جو نالو اڳي نه ورتو ويو آهي اُتي سندس خوشخبريءَ جي منادي ڪريان، انهيءَ لاءِ ته ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي وڏل بنياد تي عمارت نه اڏيان. جيئن لکيل آهي ته ۽ جن نه ٻڌو آهي سي سمجهندا جن کي هن جي خبر نه آهي سي ڏسندا

رسولن جا ڪم 2:36,37

اي بني اسرائيل قوم! پڪ ڄاڻو ته خدا انهيءَ عيسيٰ کي، جنهن کي اوهان صليب تي چاڙهي ڪوڪا هنيا، خداوند به ڪيو آهي ۽ مسيح به. هن ماڻهن اهو ٻڌو ته اها ڳالهه سندن دلين ۾ چڀي ويئي ۽ پطرس ۽ ٻين رسولن کي چيائون ته ”پائرؤ! اسين هاڻي ڇا ڪريون؟

عبرانين 4:2

ڇالاءِجو اسان کي به انهن وانگر ئي خوشخبري ٻڌائي ويئي. پر جيڪو پيغام انهن ٻڌو تنهن کين ڪو فائدو نه رسايو، ڇاڪاڻ‌ته انهن ايمان سان نه ٻڌو

يرمياه - ير 24:7 - متي 22:37

تنهن تي عيسيٰ وراڻيو ته ”’تون خداوند پنهنجي خدا کي پنهنجي ساريءَ دل، پنهنجي سڄي جان ۽ پنهنجي سڄيءَ سمجهه سان پيار ڪر

رسولن جا ڪم 16:14

انهن عورتن ۾ ٿواتيره شهر جي لديا نالي هڪ خدا ترس عورت به هئي، جيڪا واڱڻائي رنگ جو ڪپڙو وڪڻندي هئي. خدا هن جي دل کولي ۽ هن پولس جون ڳالهيون ڌيان سان ٻڌيون

متي 14:13-16

اهڙيءَ طرح خدا يسعياه نبيءَ جي معرفت جيڪي چوايو هو سو سچو ثابت ٿيو ته
،اوهين نهاريندا ته سهي پر ڏسندا ڪين ’اوهين ٻڌندا ته سهي پر سمجهندا ڪين
،اُهي ڪنن ڪان ٻوڙا ٿي پيا آهن، ڇالاءِجو هن قوم جي عقل کي تالو لڳايو ويو آهي
.انهيءَ لاءِ ته متان اُهي پنهنجين اکين سان ڏسن، ۽ انهن پنهنجون اکيون پوري ڇڏيون آهن
۽ آءٌ کين چڱائي چڱو ڀلو ڪريان.‘ ۽ پوءِ پنهنجي دماغ سان سوچي سمجهي توبهه‌تائب ٿين، پنهنجن ڪنن سان

،ٻڌن
پر سپاڳا آهيو اوهين جو اوهان جون اکيون ڏسن ٿيون ۽ اوهان جا ڪن ٻڌن ٿا

يسعياه - يس 6:9,10 - رسولن جا ڪم 28:27

،۽ اهي ڪنن کان گهٽرا ٿي پيا آهن ڇالاءِجو هن قوم جي عقل تي تالو لڳايو ويو آهي
،تہ متان اهي پنهنجن اکين سان ڏسن، انهن پنهنجون اکيون پوري ڇڏيون آهن
،متان اهي پنهنجي عقل سان سمجهن متان اهي پنهنجن ڪنن سان ٻڌن
۽ مون آڏو توبهہتائب ٿين تہ آءٌ کين ڇڻائي ڇڳو پلو ڪريان

مرقس 4:11,12

هن انهن کي چيو تہ ”اوهان کي خدا جي بادشاهت جي ڳُجهہ جي سمجهہ ڏني ويئي آهي. پر جيڪي منهنجا پوئلڳ نہ آهن تن کي سڀ ڳالهيون مثالن سان ٻڌائجن
ٻڌندي ٻڌندي بہ نہ سمجهن، ٿيون، ’اهي نهاريندي نهاريندي بہ نہ ڏسن، تہ جيئن
۽ هو کين بخشي ڇڏي خدا جي طرف ڦري پون تہ متان انهن جون دليون

يوحنا 12:39,40

اهو ئي سبب هو جو انهن ايمان نہ آندو، ڇاڪاڻتہ يسعياه نبيءَ هي فرمان بہ ٻڌايو هو تہ
تہ متان اهي پنهنجين اکين سان ڏسن ۽ سندن عقل تي تالو مون خدا انهن جون اکيون پوري ڇڏيون آهن
،آءٌ کين ڇڻائي ڇڳو پلو ڪريان ۽ مون آڏو توبهہتائب ٿين تہ ۽ پنهنجن عقلن سان سمجهن، هٿي ڇڏيو آهي

رومين 11:7,8

انهيءَ مان ڪهڙو نتيجو نڪتو؟ اهو تہ بني اسرائيل جنهن شيءِ جي ڳولا ۾ هئا، سا کين نہ ملي. پر اها خدا جي چونڊيلن کي ملي ويئي ۽ باقي ٻيا سختدل ڪيا ويا. جيئن لکيل آهي تہ
۽ ڪنن سان ٻڌي نہ ٿا سگهن ۽ اڄ ڏينهن تائين اهي اکين سان ڏسي خدا انهن جي دل ۽ عقل تي تالو لڳائي ،ڇڏيو

ٿسلونيڪين 2:10,11 2

هو برباد ٿيڻ وارن کي هر قسم جي بچڙائيءَ سان فريب ڏيندو. اهي ماڻهو انهيءَ ڪري برباد ٿيندا جو سچ جي محبت اختيار نہ ڪيائون، جنهن سان سندن چونڪارو ٿئي ها. اهو ئي سبب آهي جو خدا هنن تي گمراهيءَ .جو اثر وجهندو، تہ جيئن هو ان ڪوڙ کي مڃين

متي 13:18-23

ڏيان سان ٻڌو ۽ ٻج ڇڻڻ واري جي مثال جو مطلب سمجهو. اُهي جيڪي بادشاهت جو ڪلام ٻڌن ٿا پر سمجهن نہ ٿا، سي انهيءَ رستي مثل آهن جتي داڻا ڪريا. شيطان اچي انهن جي دل مان اُهي پوکيل داڻا ڪڍي ٿو وڃي. ٽڪرائتي زمين جتي داڻا ڪريا تنهن مثل اُهي آهن جيڪي ڪلام ٻڌي جلدي خوشيءَ سان قبول ڪن ٿا. پر اهو ڪلام انهن جي دلين ۾ پاڙ نہ ٿو هٿي ۽ گهڻو وقت جڏاءُ نہ ٿو ڪري. تنهنڪري جڏهن ڪلام جي ڪري ڪا مصيبت يا تڪليف اچين ٿي تہ اهي جلدي ڦري وڃن ٿا. ڪانڊيرا جن ۾ داڻا ڪريا تن مثل اُهي آهن جيڪي ڪلام تہ ٻڌن ٿا پر هن دنيا جو فڪر ۽ دولت جو فريب ڪلام کي گهُٽي ڇڏين ٿو ۽ انهن ۾ ڦر نہ ٿو پچي. سٺي زمين جتي داڻا ڪريا تنهن مثل اُهي آهن جيڪي ڪلام ٻڌن ٿا، اُن کي سمجهن ٿا ۽ ڦر جهلين ٿا، پوءِ ڪن ۾ سؤ داڻا، ڪن ۾ سٺ تہ ڪن ۾ ٽيهہ

ڪرنٿين 3:15,16 .2

پر اڄ ڏينهن تائين بہ جڏهن هو موسيٰ جو ڪتاب پڙهن ٿا، تڏهن سندن دلين تي پردو پيل رهي ٿو. مگر جڏهن بہ ڪنهن جي دل خداوند ڏانهن ڦري ايندي تڏهن اهو پردو ڪڍي ويندو

هوسيع - هوس 11:3-7 - متي 11:28-30

اوهين سڀ جيڪي ڳرا بار کڻي ٿڪجي پيا آهيو سي مون وٽ اچو، آءٌ اوهان کي آرام ڏيندس. منهنجي پاڄاري پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهو ۽ مون کان سکو، ڇالاءِجو آءٌ دل جو نرم ۽ نماڻو آهيان. اوهان جي روح کي آرام ملندو، ڇالاءِجو منهنجي پاڄاري سولي آهي ۽ منهنجو بار هلڪو آهي

رسولن جا ڪم 26:18

تو کي انهن جون اکيون کولڻيون آهن. انهن کي اونداهيءَ مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻڻو آهي. ڪين شيطان جي چنبي کان آزاد ڪري خدا ڏانهن موڙڻو آهي، تہ جيئن اهي مون تي ايمان آڻين ۽ گناهن جي معافي ملين ۽ هو خدا جي پنهنجي قوم ۾ ليکيا وڃن

تيمٿيس 2:24-26 2

خداوند جي ٻانهي کي جهيڙو ڪرڻ نہ ٿو جڳائي. ان جي بدران ڪيس گهرجي تہ سڀني سان نرميءَ سان پيش اچي، تعليم ڏيڻ جي لائق هجي ۽ بردبار هجي. جيڪي سندس مخالف آهن تن کي هو نرميءَ سان سمجهائي، شايد خدا انهن کي توبهہ جي توفيق بخشي تہ هو سچ کي سڃاڻين. انهيءَ لاءِ تہ اهي پنهنجي هوش ۾ اچي .شيطان جي ڦندي مان ڇڻن، جنهن کين پنهنجي مرضي پوري ڪرڻ لاءِ قيدي بڻايو آهي

مڪاشفو 3:17-19

اوهين چئو ٿا تہ اسين دولتمند آهيون ۽ گهڻي دولت گڏ ڪئي اٿئون ۽ ڪنهن بہ شيءِ جي گهرج ڪانہ اٿئون. پر اوهان کي اها خبر ڪانهي تہ اوهين بدبخت، ڏکيا، ڪنگال، انڌا ۽ اگهاڙا آهيو. تنهنڪري آءٌ اوهان کي صلاح ٿو ڏيان تہ باهہ ۾ صاف ٿيل نج سون مون کان خريد ڪريو تہ دولتمند ٿيو ۽ پاڪ صاف پوشاڪ بہ وڻو تہ پنهنجي اوگهڙ ڍڪي سگهو ۽ شرمسار نہ ٿيو. پنهنجي اکين لاءِ سرمو وڻو تہ ڏسي سگهو. آءٌ جن سان پيار ڪندو آهيان تن کي تنبيهہ ۽ سيکت بہ ڏيندو آهيان، تنهنڪري سرگرم ٿيو ۽ توبهہتائب ٿيو

ڪرنٿين 7:10 2.

ڇالاءِجو اهڙو غم جيڪو خدا جي مرضيءَ موجب آهي سو توبهہ پيدا ٿو ڪري. اهڙي توبهہ جنهن جو نتيجو ڇوٽڪارو آهي، تنهن ۾ ڪوبہ پڇتاءُ نہ ٿو ٿئي. پر دنياوي غم موت پيدا ٿو ڪري

God turn heart back to God - با - بادشاهن 18:37 1.

خدا جي دل ڦري واپس خدا کي

ڪرنٿين 4:4 2.

اهي ايمان نہ ٿا آڻين، ڇالاءِتہ جنهن کي هن زماني جا ماڻهو خدا ڪري مڃين ٿا ان خدا، يعني شيطان انهن جي عقل کي اندو ڪري ڇڏيو آهي. هو نہ ٿو چاهي تہ مسيح جيڪو خدا جي صورت آهي، تنهن جي جلال جي باري ۾ خوشخبريءَ جي روشني انهن تي پوي

لوقا 8:11-15

هاڻي انهيءَ مثال جو مطلب هي آهي تہ بيج آهي خدا جو ڪلام. جيڪي رستي تي ڪريا تنهن رستي جي معنيٰ اُهي ماڻهو آهن جيڪي ٻڌن ٿا، پوءِ شيطان اچي انهيءَ ڪلام کي سندن دلين مان ڪڍي ٿو تہ متان اهي ايمان آڻين ۽ کين ڇوٽڪارو ملي. ٽڪر وارا اهي ماڻهو آهن، جيڪي ڪلام ٻڌن ٿا تڏهن خوشيءَ سان قبول تہ ڪن ٿا، پر پاڙ نہ هئڻ ڪري ٿورو وقت ايمان آڻي پوءِ آزمائش جي مهل ڦري ٿا وڃن. جيڪي ڪانڌيرن ۾ ڪريا سي ڪانڌيرا اهي ماڻهو آهن، جي ٻڌن تہ ٿا پر هلندي هلندي حياتيءَ جي ڳڻتين، دولت ۽ عيش عشرت ۾ ڦاسجي ٿا پون ۽ سندن ڦر پڇي ئي ڪونہ ٿو. پر جيڪي پليءَ زمين تي ڪريا، سا پلي زمين اهي .ماڻهو آهن جي ڪلام ٻڌن ٿا ۽ سچيءَ دل ۽ سالم دماغ سان ان کي سانڍين ٿا ۽ صبر سان ڦر جهلين ٿا

رسولن جا ڪم 15:11

جڏهن تہ اسان جو ايمان آهي تہ اسان کي بہ انهن وانگر ئي خداوند عيسيٰ جي فضل سان ڇوٽڪارو ملي ٿو

رومين 8:13

ڇالاءِجو جيڪڏهن اوهين انساني فطرت موجب زندگي گذاريندا تہ ضرور مرندا. پر جيڪڏهن پاڪ روح جي وسيلي جسم جي نفساني خواهشن کي فنا ڪندا تہ جيئرا رهندا